

# سنڌي ٻوليءَ جي لکت



# سنڌي ٻوليءَ کي
# للڪار

[ماهوار ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿيل ٻوليءَ جي
مضمونن جو ڇهريون ڪتابڙو ]

[ٻيون ڇاپو]

مرتب :

عـمـر ميمڻ

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

چاپو پهريون: .... مئي ١٩٧٣

چاپو ٻيو : .... جولاءِ ١٩٧٨

چاپو ٽيون : .... جون ١٩٨٤

قيمت: ٦-٠٠

ڇپائيندڙ:
م-ع- ميمڻ- پاران عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ:
سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ

# ٻيءَ ايڊيشن جو مهاڳ

گذريل ٢٥ سالن کان سنڌي لکڻين ۾ ايترا ته ڌاريان لفظ هروڀرو به ڪم اچڻ لڳا آهن جن ٻوليءَ جي سنڌيت ۽ سڀاجهائي کي وڏو نقصان پهچايو آهي. اسان جڏهن ماهوار ڊائجيسٽ شروع ڪيو، تڏهن ٻوليءَ جي سيني گهٽگهرن جو ڌيان ان طرف ڇڪايوسين ۽ ان باري ۾ ”سنڌي ٻوليءَ کي للڪار“ جي نالي سان هڪڙو مضمون شروع ڪيوسين. اسان کي خوشي آهي ته سنڌ جي سيني مڃيل ڄاڻن ۽ سڄڻن انهيءَ ڏس ۾ اسان جي مدد ڪئي ۽ ڪندا رهن ٿا ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو ماهوار ۾ هر مهيني هلندو رهي ٿو. اسان انهن سيني ساٿين جا شڪرگذار آهيون.

ان سلسلي ۾ هيستائين ماهوار ۾ جيڪي مضمون آيا آهن انهن مان ڪجهه هن ڪتابڙي ۾ ڏيئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به اهڙي طرح ڏيندا رهنداسين. هيءَ آهي ٻيءَ ڪير وٽي جيڪا اسان ماهوار پاران سيني سنڌي ليکڪن ۽ اخبار نويسن ۽ فنڪارن جي اڳيان رکون ٿا. شل مال وندن مارن جي ٻوليءَ جو سڳنڌ ۽ سواد انهيءَ مان ڪين اڇي.

نوٽ: جهڙي نموني مضمون آيا آهن، ترتيب اهڙي نموني رکي وئي آهي.

سنڌيءَ ٻولي جو هڪ خدمتگار

عبدالغفور ميمڻ

# وچـــور


| ڳڻپ نمبر | مضمون | لکندڙ | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | للڪار جي جواب ۾ | پير حسام الدين شاهه راشدي | ٥ |
| ٢ | ” | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٨ |
| ٣ | ” | محمد ابراهيم جويو | ١٧ |
| ٤ | ” | ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٣٩ |
| ٥ | ” | عبدالڪريم سنديلو | ٤٨ |
| ٦ | ” | تنوير عباسي | ٥٨ |
| ٧ | شاهه ۽ سنڌي ٻولي | صاحب خان چنو | ٦٢ |
| ٨ | ” | تاج جويو | ٦٩ |

## پير حسام الدين شاهه راشدي

محترم عبدالغفور صاحب، السلام عليڪم،

عرض ته خط ڪيترن ڏينهن کان پهتل هو، پر جواب ۾ دير ٿي، جنهن لاءِ اميد ته بخش ڪندا. سنڌي جي سلسلي ۾ منهنجي راءِ آهي ته:

(١) سنڌي اخبارون خبرن ۽ عنوانن ۾ زبان کي خراب ڪري رهيون آهن. لڳندڙ اردو اخبارن تان ترجما ڪري يا اردو لٽريچر ۽ اخبارون پڙهي ٻولي ۾ جيڪي لفظ، ترڪيبون يا محاورا ڪتب آڻي رهيا آهن، سي ڪنهن به صورت ۾ زبان ۾ ٺهڪي نٿا بيهن. اوهان هر رسالي ۾ مهيني جي اخبارن ۾ ڪتب آيل ترڪيبون، عنوان، لفظ ۽ محاورا گڏ ڪري ڇاپيندا رهو، جيئن اخبار نويسن کي خبر پوي ته سنڌي زبان جي ڄاڻ يا اڻ ڄاڻائي سبب ڪو ڪيئن ٻولي جي ٻيڙي ٻوڙي رهيا آهن. جڏهن اهڙي فهرست گڏ ڪندا ته پوءِ اوهان کي انهيءَ ڪوڙ جي خبر پوندي.

(٢) فارسي ۽ عربي اکر گهٽي ۾ گهٽ ڪتب آڻڻ علم جي نه، بلڪ جهالت ۽ پنهنجي زبان کان اڻ ڄاڻائي جي نشاني آهن. آءٌ ١٩٢٨ع کان ١٩٣٤ع تائين اخبارن ۾ الاصلاح، ظفر علي خان جي پوئواري

۾ فارسي ۽ عربي جا وڏڙا وسائيندو هوس، ليڪن اڄ جڏهن اهي مضمون پڙهان ٿو، ته نه ڇڙو غلطي محسوس ڪريان ٿو پر شرم ۾ ڪل اچي ٿي.

(٣) آسان ۽ نج زبان لکڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. غالب، سر سيد ۽ عبدالحق اردو کي تمام سليس لکيو ۽ خاص طرز پيدا ڪئي، سنڌي ۾ مرحوم گربخشاڻي، ڄيٺ مل پرسرام، پروفيسر شاهاڻي، مولانا فتح محمد سيوهاڻي، مولانا وفائي ۽ دائود پوٽي مرحوم سليس، روان ۽ صاف سنڌي لکي آهي. اڄ به اوهين اهي لکڻيون پڙهو، ڇو لذت پئي ايندي.

ڳالهائيندڙن ۾ آءٌ مرحوم علامه قاضي صاحب جي سنڌي جو قائل آهيان. جڏهن سائين سنڌي ۾ ڳالهائيندو هو ته جواب ۾ ڪوبه لفظ ڌاريئن زبان جو ڪتب ڪونه آڻيندا هئا.

شهرن ۾ رهي رهي ڌاريئن سان اٿي ويهي اسان ماڻهن جي زبان خراب ٿي ويئي آهي. سچ پڇو ته اسان کان پنهنجي زبان وسري ويئي آهي. اڳئي هاي جنهن جا نتيجا ڏاڍا ڏکوئيندڙ نڪرندا. سنڌي زبان بي صورت ۾ بدلجي ويندي ۽ اهو هاڃو اسين پنهنجو پاڻ ڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ آءٌ گهڻي ۾ گهڻو جوابدار سنڌي اخبارن کي سمجهان ٿو. چاڪاڻ ته پنهنجي زبان ۾ سنڌن مطالعو ڪونه آهي، اڙدو اخبارون پڙهن ٿا، جڏهن لکڻ وهن ٿا تڏهن اهائي زبان استعمال ڪن ٿا

جيڪا هنن صبح جو اردو اخبارن ۾ ڏني آهي. تڙ تڪڙ ۾ اهو ڏي عنوان ۽ لفظ سندن دماغ سوچي ٿو.

ڪراچي واري هلال پاڪستان ۾ ٻولي جي صفائي جو بيحد خيال ڪيو وڃي ٿو. سندس روش کي پنهنجو ڪرڻ هرهڪ لکندڙ جو فرض آهي.

(٤) اوهان جيڪي مقابلي ۾ لفظ ڏيئي رهيا آهيو تن کي اڃا آسان ڪرڻ گهرجي، اهي ٺهڪن نٿا.

(٥) سنڌي زبان جهڙي شاهوڪار زبان ۾ ڌارين ٻولين جا لفظ آڻي آپگهات ڪرڻو آهي. غلط آهي، ناجائز آهي، گناهه آهي ۽ آخر ۾ اهو طريقو لکندڙ لاءِ ۽ زبان لاءِ گهاتڪ ٿيندو.

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پيارا ادا عبدالغفور، سدا سرها هجو!

اوهان جي پيار ڀريل لکيل سنيهن جي هن ڪاڻ اڳ ورندي ڏيئي نه سگهيو آهيان جو هڪ ته گهڻ ڪارڻو آهيان ۽ ٻيو ته پڙهيلن جي ”پٽ“ ۾ پير رکندي منهن ڪان وٺي مون پنهنجو پاڻ سان وچن ڪيو هو ته ڪڏهن به ڪالڪ ڪٿي ڪنهن سان مڊا * نه وٺندس. رڳو اوهان جي لکڻي ڪي مانُ ڏيڻ لاءِ پنهنجا ويچار اوهان جي آڏو رکان ٿو.

مهيني اپريل ٧٢ع واري ”مهراڻ ڊائجسٽ“ ۾ ”سنڌي ٻولي کي چئلينج“ جي سري هيٺ اوهان جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا ويچار جهڙي آهي پر جنهن ريت اوهان ان کي ڇيڙيو آهي تنهن لاءِ ٿورڙائين به اڪر چوڻ سجايا ٿيندا.

### اڳــ ڇا ٿيو؟

١- ١٨٥٢ع ۾ سنڌي الف-بي ڪا نئين سر ناهي ڪانه وئي هئي، الف-بي جا اکر سوين ورهيه اڳــ هلندڙ هئا، پر رڳو ايترو هو جو ليمٽ سنڌي اُچارن وارن اکرن تي، ڪي ڪنهن ريت ته ڪي ڪنهن

---

* مڊا وٺڻ = بحث مباحثو ڪرڻ، سوال جواب ڪرڻ.

ريت ٿيڪا ڏيندا هئا. اهڙن اکرن جي انوکين ٻيڪن تي ١٨٥٢ع کان ولي ويچار ٿيڻ لڳو ۽ نيٺ ڳالهه اتي وڃي بيٺي ته هر سنڌي آچار واري اکر جون جيڪي ٻه اڳ ملندڙ ٻيڪون آهن، انهن مان سڀ کان سهڻي ٻيڪ چونڊي وڃي (نه نئين سر ناهي وڃي) ۽ پوءِ سنڌي الف-بي جي پڪي پٽي ناهي وڃي. اها پڪي پٽي مهيني جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ ڇاپي پڌري ڪئي وئي.

٢- سنڌي لکڻ لاءِ عربي الف-بي ڪا انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ڪانه ڪئي وئي، پر اها اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ ساڍا ٻارهن سؤ سال اڳ ڪم آندي وئي. اهو ڪم "اسلام" ڪارڻ ڪونه ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو اسلام "ٻولي" توڙي "رنگ" جي نرالائي (اختلاف السنتکم و الوانکم) تي سوچڻ ۽ ان کي مڃڻ جي سکيا ڏني ٿو. ان وقت جي مسلمانن جو ماڻهن جي ٻولين ۽ رنگن سان ڪو وير ڪونه هو. عرب مسلمان جيڪي سنڌ ۾ آيا سي سنڌي کي به سهڻي ٻولي سمجهي سگهڻ لڳا، هنن پنهنجي سولائي لاءِ سنڌي کي عربي پٽيءَ ۾ لکيو، جا پوءِ پڻ کي به سولي لڳي ۽ سڄي سنڌ وارن ان کي پنهنجو ڪيو.

٣- ١٨٥٢ع ۾ انگريز آفيسرن جي هڪ ٽولي ۽ سنڌين ڪن هندو ڪامورن (جن جو اڳواڻ ٻمبئي پاسي جو هڪ مرهٽو ڪامورو هو) اها ڳالهه هلائي هئي ته

سنڌي کي عربي پٽي ۾ نه لکجي پر مٿائي ديوناگري يا هندي پٽيءَ ۾ لکجي. انهيءَ رٿا کي پوري ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيا: نئين الف-بي ٺاهي وئي، پڙهڻ لاءِ پنا پستڪ ڇاپيا ويا ۽ پاٺشالائون کوليون ويون. پڻ انگريزن پاران ائين ڪيو ته جو جنهن پٽيءَ ۾ چاهي تنهن ۾ سنڌي لکي پڙهي. ان هوندي به اها رٿا توڙ نه پهتي. عربي پٽي جيئن ته سولي هئي انهيءَ ڪري مسلمان ته ڇڏيو پر سنڌي هندن جي گهڻائي به عربي پٽيءَ کي چاهيو ۽ ڪنيو.

اها ته ٿي اکر جي ڳالهه. جڏهن آهن ته وٺيءَ کي ڪيترو وڌيو، سيتب انهيءَ ۾ آهي ته ڳالهه کي سٺين ريت سمجهڻ لاءِ اک جو آکهر ڪجي.

## ڳالهه ڇا آهي؟

ٻهريائين سوچڻ گهرجي ته ڳالهه ڇا آهي؟ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ ۽ ٻين "ٻولين" جي جاءِ تي سنڌي جا سهڻا "ٻول"* ڪم آڻڻ هڪ اهڙي ڳالهه آهي جنهن جي اسان کي پوري پاڙائي ڪرڻ گهرجي. پر ڳالهه رکو اتي ڪانه ٿي بيهي، اڳتي هيءَ ڳالهه گهڻي آهي جنهن کي وڏي سرت ۽ نيرت سان پرکڻ، پڇارڻ ۽ ويچارڻ گهرجي.

١- سڀ کان پهريائين اهو سوچڻو آهي ته سنڌي

---

"ٻول" * ڌڪ ۾ اڳتي لفظ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

يا ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جا "پنهنجا" ٻول ڪهڙا آهن؟ اهي ٻولين جي هن ڀرتيءَ جي گهڻن ڀاڱن ۾ ملن ٿيون ۽ انهيءَ ڪري وڏيون ٻوليون ليکجن ٿيون تن سڀني، ٻين ٻولين جا ٻول ڪڍي "پنهنجا" ڪيا آهن. انگريزي ٻولي وٺو: هن ۾ ڀرپاڏا اينگلو سيڪسن ٻول، جيڪي انگريزيءَ جا "پنهنجا ٻول" چئي سگهون، سي ٿورڙا آهن، ۽ انهن مڙني ٻولن جي ڀيٽ ۾ جيڪي انگريزي ۾ هيئر ڪم اچن ٿا، چئبو اٽي ۾ لوڻ برابر آهن. اسان وٽ ايتري ڪوتاهي نه ٿي آهي، پر جي ڪو وڏي سنڌيءَ جا "پنهنجا ڀرپاڏا" ٻول ساري، ته ٻين ٻولين وانگر اهي به آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا. انهيءَ ڪري "پنهنجن" "پراون" ٻولن جي ڳالهه جڏهن اسان ڪڍون ته جڳائي ته ان کي پوريءَ طرح سمجهي پوءِ ڪڍون.

٣- ٻوليءَ ۾ "پنهنجن" ۽ "پراون" ٻولن جي راڄاوڻ هڪ اڙو ته گورک ڌنڌو آهي جنهن کي ٿوري ئي سگهجي. ڪجھ ورهيه اڳ ايران وارن وڏا وس ڪيا ته پارسيءَ مان (جنهن کي هاڻ هو "ايراني" ٿا سڏين) مڙيئي عربي ٻول ڪڍيا وڃن، پر ڪڍي نه سگهيا. ان ملڪ جا سياڻا هاڻي سمجهن ٿا ته انهيءَ ڳالهه جي پٺيان پوڻ اجايو آهي. هت اسان وٽ به ١٩٣٠-٤٠ع ڌاري سنڌ جي ڪن هندو ڏرين يارن اها ڳالهه هلائي وئي ته سنڌي مان پارسي ۽ عربي

ٻول ڪيڏي انهن جي جاءِ تي سنسڪرت ۽ هندي ٻول
ڪم آڻجن. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولوي دين محمد
وفائي، ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ۽ ٻين سمجهدار
هندن کي سنئين وات ڏيکاري ۽ چيو ته اڙدوءَ رت
مان ڪي ڪين ورندو.

٣- ترڪي ۾ به هڪ نئين ٻڌمل ٽولي سيٽ سٽي
ته ترڪي ٻولي مان پراڻا پارسي ۽ عربي ٻول ڪڍيا
وڃن. پر ڳالهه اتي وڃي بيٺي آهي جو اڳيان ٻول
ڇڏي وري يورپي ٻولين مان پيا ڌاريا ٻول ڪنيائون.
"پنهنجن" ٻولن جو ٻهانو ڪري وري به "پروان" ٻولن
ڪٿي ۾ نڪا سوڀ آهي ته نڪو سود.

## سياڻپ جي وات

هڪ وڏنڊڙ ۽ وڌندڙ ٻولي جي لکڻ، پڙهڻ ۽
ڳالهائڻ ۾ اڙٻون رنڊڪون وجهڻ جن مان سواءِ
پنهنجي من ماڻيءَ جي ڪو ٻيو ڪارج نه سري سياڻپ
جي وات ناهي.

١- هڪ وڏنڊڙ ۽ وڌندڙ ٻولي پنهنجي وڏنڊڙ
گهرجن جي پورائي لاءِ آوس نت نوان ٻول ڪم
آڻيندي. اما پورائي هميشه ٽن سگهن تي جو پوريائين
ٻوليءَ جا ڇاڙ، ان ٻوليءَ جو پنهنجو پٽ سوڙين،
جيئن لٽيل ڪٿا پڙرا ٿين ۽ سٺل ٻول وري جاڳن. ان
کان پوءِ اچي ٻولين جن مان ان ٻوليءَ جو سنبند

ڳاهه توڙي ڳالهه * جي سٽاءَ ۽ سماجي توڙي سماچاري
لکيتن جي پوراڻي ڏي سگهي ٿي. پر انهيءَ شاهوڪار
ٻوليءَ جون ننڍڙيون ڇڙيون ٻيون آهن. ڪير ٿو انهن
کي ڪنهن هٿي ۽ ڪولي! پٿاڻي صاحب جي ٻولي
اسان مان ڪيترن کي سچي سمجهه ۾ ٿي اچي ۽ ڳهڻا
آهن جي سنبت ٿا ڪن! لوڪ ادب سنڌي ٻولي جي
اڻ کٽ کاڻ آهي، پر ڪيترا ٿا اُن مان آندل وَٿُن
کي ڏسن يا ويچارين!

## ڪي پنهنجيون ڳالهيون

ٻچاڙيءَ ۾ ڪي پنهنجيون ڳالهيون به ڪڍي ڪجن.
اوهان "ڊائجيسٽ" ۽ "چئلينج" جهڙا ٻه وڏا ڪاٺ
ڪاهي ڏي ڪنيا آهن، جي ٻن گهٽن سنڌي پاڙن جي
ڪٽهڻ کان ڳرا آهن.

"چئلينج" جي جاءِ تي "للڪار" لکي سگهجي ٿو.
"ڊائجيسٽ" جو نالو انگريزي مان اردو وارن ڪنيو ۽
اوهان کي ٻسو ريس آئي. سَٽ'، تَت'، نچوڙ'، مول'
رس'، عرق'، روح ۽ ٻيا اهڙا ٻول، "ڊائجيسٽ" جهڙا
آهن. اڳ ۾ اوهان پاڻ اهو ڪم ڪريو جيڪو چاهيو
ته سينبي کي ڪرڻ گهرجي.

ڌاريان جيڪا ڳالهه اوهان چيڙي آهي ان کي
ڌيان ۾ رکندي، مون پنهنجي هيءَ سچي ورندي
انگريزي، فارسي يا عربي ٻولن کم آڻڻ کان سواءِ

---

ڳاهه ۽ ڳالهه * يعني نظم ۽ نثر.

محمد ابراهيم جويو

# ٻوليءَ جو بچاءُ

سڌريل ۽ سجاڳ قومون هميشه پنهنجي ٻوليءَ کي صاف، سليس ۽ صحيح صورت ۾ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڪابه اهڙي قوم دنيا ۾ ڪانه ٿي رهي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ، گرامر يا محاوري جي ڪنهن غلط يا نامناسب استعمال کي قبولي سگهي يا سهي سگهي. ڪابه اهڙي قوم ڪٿي ڪانه لڀندي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي ڪنهن مٺي ۽ سولي لفظ کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظ کي ڪم آڻڻ ۾ خوش ٿئي يا فخر ڪري. علمي ۽ فني ضرورتن جي خيال کان، ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪرڻا پون ٿا، پر اهڙا لفظ هر ڪا ٻولي پنهنجي گرامر جي اصولن موجب بنهه پنهنجا بڻائي پوءِ پاڻ وٽ رکي ٿي.

سنڌي قوم پڻ گهڻي وقت کان پنهنجي وطن جي آزاديءَ، سالميت ۽ خوشحاليءَ جي جدوجهد سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ کي اهڙيءَ ريت صاف، سليس ۽ صحيح رکڻ لاءِ پنهنجي وس آهر ڀرپور ڪوشش ۾ رڌل رهي آهي. سنڌي ٻولي گذريل ڪيترن صدين کان ڪن ڌ

”ناٽڪ“، ”آهنگ“ نظم، فرياد، داد ۽ ٻيا ڪيئي لفظ، جي پڙهي پٽ اسان وٽ مذڪر آهن، اڄ اسان جي ڪن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ مؤنث وانگر ٻيا لکجن ۽ هوڏانهن، مثال طور، لفظ ”مٽيءَ“ کي مذڪر وانگر ڪم آندو پيو وڃي، ”مٽيا نسان ٿي ويو!“ ۽ ائين، اڙدوءَ جي اثر هيٺ، ڪيترائي اسان جا لفظ مذڪر بدران مؤنث ۽ مؤنث بدران مذڪر ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ اسان جي ٻوليءَ کي بنيادي ڌڪ لڳندو رهي ٿو.

ڪيترائي فارسيءَ ۽ عربيءَ جا لفظ آهن، جيڪي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻنهي، ٻيءَ معنيٰ ۾ قبوليا آهن. جيئن لفظ ”تمام“ آهي. هيءُ لفظ اڙدو ۾ ”سڀ، سڀئي يا سڀني“ جي معنيٰ ۾ صفت طور، ڪم اچي ٿو ۽ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ظرف طور، ان جي معنيٰ ”ڏاڍو، ڏاڍا“ جيئن ”تمام چڱو، تمام سٺا“ وغيره آهي. پر اڄ اسان جا ڪيئي لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ صاحب پنهنجا سٺا ۽ سولا صفاتي لفظ ”سڀ، سمورا، مڙيئي، هڙئي“ انهن جو مٽو سٽو اهتمال ڇڏي، لکندا ۽ چوندا وتن: ”تمام پئسا خرچ ٿي ويا! تمام مڇر مري ويا! تمام هو هيئن ٿي ويو ۽ تمام هيءُ هوندي ٿي ويو!“ انهيءَ نموني جو هڪ لفظ ”منصوبو“ به آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ ”سازش“ جي مطلب سان ڪم اچي ٿو، پر ان کي اسان جا اڙدوءَ جي وٽ ۾ آيل ڪيترا

ليکڪ "رت" يا "رتا" جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا رهن ٿا. ساڳي حالت ٻين ڪيترن اهڙن لفظن، جيئن ته "هلاڪ يا هلاڪت" ۽ "اتفاق" جي آهي. "هلاڪ" سنڌيءَ ۾ "ڪڪ، تنگ يا بيزار" جي معنيٰ ۾ ۽ "اتفاق"، "حادثي يا واقعي" جي معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. پر اردوءَ جي پيروي ڪندي، اڄ اسان جا ڪيترا ليکڪ هنن لفظن کي "مرڻ" ۽ "ٻڏيءَ" جي معنيٰ ۾ پيا لکن. جيئن: "مڪ ڏڪ سان ست ماڻهون هلاڪ ٿي ويون! اتفاق سان سڀ ڪجهه ٿي ٿو!" هاڻي جي انهن جملن ۾ "هلاڪ ٿي ويون" بدران لکجي "مري ويون" ۽ "اتفاق" بدران "ٻڏي" لکجي، ته اهي ڪيڏا نه سمجهه پيا ۽ وڻندڙ جملا ٿي پون!

سنڌيءَ ۾ حرف جملي يا ظرف جا لفظ اڳوا ته سوڀا ۽ سڀ موجود آهن، جو انهن کي ڇڏي، فارسيءَ يا عربيءَ جا ساڳيءَ معنيٰ جا لفظ ڪم آڻڻ نه رڳو ضروري نه آهن، پر پاڻ سان ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان وڏي جٺ ڪرڻي آهي: مثال لاءِ-

| | | |
|---|---|---|
| جي، جيڪڏهن | بدران | اگر |
| جيتوڻيڪ | " | اگرچه |
| پر | " | ليڪن يا مگر |
| تنهن، ان، اُن- ڪري | " | لهذا |
| تنهن، ان، اُن- کان سواءِ | " | ازان سواءِ |
| تنهن، ان، اُن- وچ ۾ | " | درين اثنا |

اڻ هوندي " باوجوديڪ
ڇا به ٿئي، هر حال ۾ " بهرصورت، بهرحال
سچ پچ يا سچي پچي " في الحقيقت، حقيقتاً، في الواقع
ابتڙ " برعڪس، خلاف
ڌار ڌار، الڳ الڳ جدا جدا " مختلف
تان جو " حتيٰ ڪه
متان " مبادا
تنهن، ان، اُن هوندي به " با اين همه
ڇاڪاڻ ته " چونڪه
انهيءَ ڪري " بنا برين، چنانچه
نه ته " ورنه
ٻيءَ صورت ۾ " به صورت ديگر
الڳ، ڌار " علحده
ڌار " علاوه
پوءِ " بعد
هيٺ " زير، تحت
ڀيٽ " مقابلو
رڳو " محض، صرف
ته به، تڏهن به " تاهم، وغيره، وغيره

حيدرآباد جي ريڊيو تان، هر روز "جمهور جو آواز" ٻڌايو وڃي ٿو. اُن پروگرام ۾ نيٺ ڀيرائڙيءَ جي هڪ چڱي مڙس جي ڪردار طور، "عارب خان" پنهنجي اوطاق ۾ ڪچهريءَ جو سرواڻ ٿـي ويهندو آهي. هن

پروگرام ۾ هڪڙي ڏينهن ”عارب خان“ جي واتان، سندس ليث پهراڙيءَ جي ڍنگ ۾ پڌم: ”ادوڙي! اڇو ته اتحاد ڪيون، اتحاد سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا.“ هاڻي، اسان جا عام ٻڌڻ وارا، جن لاءِ هيءُ پروگرام ٿئي ٿو، سي ڇا سمجهندا ”اتحاد“ کي ۽ ڪيئن سمجهندا ”مسئلن جو حل ٿيڻ“! آن جي بدران ”عارب خان“ هيئن به چئي ٿي سگهيو ته ”ادوڙي؟ اچو ته پاڻ ٻڌي ڪيون، ٻڌيءَ سان سڀ ڳالهيون نبري وينديون.“ ١٧ جولاءِ ٧٢ع تي پڻ هڪ پروگرام ۾ هن ريڊئي تان هيٺيان لفظ ڪم آندي پڌم، جن مان ڪي سڀ جا سڀ پين پولي جا لفظ پنهنجي پوليءَ تي بار بڻجي ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪم جا ٿي نٿي سگهيا! انهن جي جاءِ تي اسان جي پوليءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍا سٺا ۽ سلوڻا لفظ پيا آهن، جي نه آهي اسين ڪم آڻيون، ته جيئن ٻڌڻ وارا پڌن ته سمجهي به سگهن. هيٺ انهن لفظن جي لسٽ ڏجي ٿي:

باشندا = رهواسي، بخوبي آگاهه ٿيا = چڱيءَ ريت يا پوريءَ طرح واقف ٿيا، معيار زندگي = زندگيءَ جو معيار يا پتڌ؛ فلاحي مملڪت = عام ڀلي جي حڪومت؛ باهمي تعلقات = هڪٻئي جا لاڳاپا؛ احترام = عزت؛ تعمير = اڏاوت (تعمير ڪرڻ، اڏڻ)؛ ذي هوش؛ ذي فهم = هوش وارو، فهم وارو، ڏاهو، خبردار، جيب خرچي = کيسي جي خرچي، تعاون =

سهڪار، ترقي ڀلائڻ = ترقي ڪرڻ، ايجاد ڪيون آهن = ٺاهيون آهن، خبرن تي مشتمل پروگرام = خبرن تي ٻڌل پروگرام، فرصت جا اوقات = واندڪائيءَ جون گهڙيون، تعليم جو فروغ = تعليم جو واڌارو، اعتماد = ڀروسو، ضروريات = گهرجون، تعلق رکن ٿا = لاڳاپو رکن ٿا، سرمايو = موڙي، دشواري = تڪليف، ڏکيائي، ڀڪجهڻي = ٻڏي، جذبه قرباني = قربانيءَ جو جذبو، جذبه خدمت = خدمت جو جذبو، خيالات = خيال، حاضر خدمت = خدمت ۾ حاضر، ترويج = واڌارو، استحڪام = جٽاءُ، وقفو = ساهي مهلت، وڇوٽي، ڏنڊ رهيو = لاڳاپو رهيو، وغيره وغيره.

هڪڙي مشهور ادبي رسالي جي ايڊيٽر صاحب هڪ پيري ”ٻراڏي“ بدران ”صد اي باز گشت“ جي فارسي ترڪيب ڪم آندي! ڏاڍيءَ نوڙت سان پڇيومانس ته ”ڀلا، جيڪڏهن لفظ ’ٻڙڏو‘ اسان جي ٻوليءَ سان ٺهين نٿو ته ”پڙاڏو سو سڏ، ورائيءَ جو جي لهن!“ وارو شاهه صاحب جو املهه بيت ڪيئن ڪم سمجهي سگهندو!“ ايڊيٽر صاحب ڳالهه کي سمجهيو ۽ مڃيو، پر عمل اجا به ڪين نڪتي تي ڳالهه ڳوٺ ٺهيس ٿو!

اسان جا ڪيترا عربيءَ جي اثر ۾ ورتل ليکڪ وڏي شوق سان عربي اسمن جا عربي جمع ڀنهنجن مضمونن ۾ لکڻين ۾ ڪم آڻين ٿا. سنڌيءَ جو لاڳاپو

ضمير مبهم جا لفظ ڪو، ڪا، ڪي ۽ ڪي ۽
انهن سان گڏ ظرف جا انڪاري لفظ ڪونه، ڪانه،
ڪونه ۽ ڪين، اسان جا ڪيترا ليکڪ اهڙيءَ طرح
ڪم آڻين ٿا، جو سنڌي سندن مادري ٻولي ئي ڪانهي-
دڪ ته "ڪو" مذڪر لاءِ ۽ "ڪا" مؤنث لاءِ،
"ڪي" مذڪر مؤنث ٻنهي لاءِ جمع ۾ ۽ "ڪي"
ڪنهن بيجان شيءِ لاءِ "ڪجهه" جي معنيٰ ۾ ڪم
ايندڙ لفظ آهن. ٻيو ته انڪاري لفظ "ڪونه" ساڳيءَ
طرح مذڪر واحد لاءِ، "ڪانه" مؤنث جي لاءِ جمع
جي صيغي ۾ ۽ "ڪين" رڳو "ڪي" ضمير سان
ڪم اچي سگهن ٿا. جيئن ته:

ڪو ڪونه ايندو.
ڪا ڪانه ايندي.
ڪي ڪين ايندا/ ايندييون.
ڪي ڪين ڏيندو/ گهرجي.

اسان جا ڪيترا ليکڪ اڄ لفظ "ڪونه" مذڪر ۽
مؤنث ٻنهي لاءِ ڪم آڻيندا رهن ٿا. جيئن چون: (ڪو)
ڇوڪرو ڪونه آهي/ ڪونهي ۽ وري هيئن به چون
(ڪا) ڇوڪري ڪونه آهي/ ڪونهي! ظاهر آهي ته
"ڇوڪريءَ" لاءِ "ڪونه آهي" يا "ڪونهي" چئي
ڪين سگهبو، مؤنث واحد جي ان صيغي ۾ لفظ
"ڪا" "ڪانه" ئي ڪم آڻڻ صحيح ٿي سگهن ٿا.

اسان جي پڙهيل پيڙهن ۾ وري هڪ عجيب خيا

جي لاءِ" يا رڳو "اباڻڙي لاءِ" جتي جتي، جنهن جنهن سنڌيءَ جي گهڻگهوري ٻوڙهي ڏوڙي جوان، جو وس پڄي ته هن کي ڳهرجي ته پڌري پٽ اهڙيون لکيل چُڪون، پيار ۽ سهڪاري آمنگ سيت، درست ڪرائي ڇڏي.

سنڌي ٻولي گرامر جي خيال کان، گهڻيءَ حد تائين، هڪ پوري قاعدي واري ٻولي آهي. آن جا اسم، ضمير، صفتون، ظرف ۽ فعل هميشه عدد، جنس ۽ حالت سان گڏ پنهنجي صورت بدلائين ٿا. لفظن جو هيءُ ڦيرو يا گردان سيني ٻولين ۾ سندن پنهنجي پنهنجي گرامر جي قانون سيت ٿئي ٿو. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ به هيءُ گردان لازمي طرح ڪرڻو پوي ٿو. افسوس، جو اسان جا ڪي ليکڪ، پهن ٻولين جي اثر سيت، پنهنجي ٻوليءَ جي بنيادي ڳالهه، کان بيخبر يا لاپرواهه بڻجي ويل ڏسجن ٿا. هتي رڳو هڪ اخبار جي ٽن لاڳيتن پرچن منجهان هن قسم جي لاپرواهيءَ جا مثال ڏجن ٿا. جن مان سمجهي سگهبو ته اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيتريءَ حد تائين پنهنجن جي ئي هٿان بگاڙو اچي چڪو آهي، ۽ اچي رهيو آهي:

## تاريخ ٧-٣-١٩٧٠ع جي پرچي مان

(١) سنڌو ٻاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش شروع.
(٢) رستو بند ٿيڻ سبب مل بند.

(٣) گورنر کي ٿر جو دورو ڪرڻ جي اپيل.
(٤) ريڊيو پڌڻ ناف جهيڙو.
(٥) پنجن ڏينهن جو دورو ڪرڻ بعد رپورٽ.

## تاريخ ٨-٣-١٩٧٣ع جي پرچي مان

(٦) سنڌ ۾ ڪاغذ جا چار ڪارخانا قائم ڪرڻ جون رٿائون زيرغور.
(٧) سنڌي زبان ۽ ثقافت جو پيهر شامل ڪرڻ جو حڪم.
(٨) هوائي مسافرن جو قيمتي سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار.
(٩) نوڪرين لاءِ درخواستون ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو.

## تاريخ ٩-٣-١٩٧٣ع جي پرچي مان

(١٠) حڪام طرفان مري وڃڻ جو تعداد ظاهر ڪرڻ کان انڪار.
(١١) هارين کان قبضو ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.
(١٢) مولانا ... بنا معاوضي زمينون حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.
(١٣) زرعي پيداوار جي وڪري جو بندوبست ڪرڻ لاءِ زرعي ادارو قائم.
(١٤) تعلقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ تي غور.
حالت جريءَ يا اضافت جي حالت ۾ سنڌيءَ جي

اسمن ۽ صفتن جا لفظ هيٺئين ۽ ريت ڦرندا آهن:
(الف) واحد جي صيغي ۾، آ، ا ۽ آ پڇاڙي-ن جي صورت ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه ٿيندو، جيئن: ڪُتَ تي، پِٽ تي، ادا کي، وغيره.
(ب) واحد جي صيغي ۾، آ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ آ ڦري اَ جي صورت وٺندو، جيئن: گلَ تي، پٽَ تي.
(ج) واحد جي صيغي ۾، او پڇاڙيءَ جي صورت ۾ او ڦري اي جي صورت وٺندو، جيئن دلي تي ڪتولي تي.
(د) واحد جي صيغي ۾، اِي، او ۽ اُون پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لفظ جي آخر ۾ 'ءَ' آواز وڌائبو، جيئن: ماڪيءَ کي، مڙهُ کي، مرزنه کي، وغيره.
(هه) جمع جي صيغي ۾ ڏون، يون، اون، اِي، آ، آ، اُو جون پڇاڙيون ڦري ئن، ين، ن جي صورت وٺنديون، جيئن تہ، بلائون، پٽيون، ڪتون، ڏويي ← بلائن کي، پٽين تي، ڪتن تي، ڏوين کي، گُلَ، دلا، مٺو ← گلن تي، دلن تي، مٺن کي.
مٿي جملي ۱۴ مثال ڏنا ويا آهن، انهن ۾ پاڻي، رستو، دورو، ريلوي، پير سامان، درخواستون، تعداد، قبضو، زمينون، بندوبست ۽ مسئلا سڀ اسم آهن جيڪي حالت اضافت ۾ آهن ۽ انهن مان هرهڪ جي پٺيان حرف جر يا حرف اضافت، "جي"، گڏجي ويل آهي،

اٿھيءَ ڪري آهي پنهنجي صفتن ۽ انهن جي اڳيان آيل حرف اضافت جي لفظن سميت پنهنجي صورت ڦيرائيندا جيئن:

(١) سڻي پاڻيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوتاهي شروع.
(٢) رستي بند ٿيڻ سبب مل بند.
(٣) گورنر کي ٽر جي دوري ڪرڻ جي اپيل.
(٤) ريلوي پڌڻ ٽان جهيڙو.
(٥) پنجن ڏينهن جي دوري ڪرڻ بعد رپورٽ.
(٦) سنڌ ۾ چمڙ ڪاغذ جي ڪارخانن قائم ڪرڻ جون رٿائون زيرغور.
(٧) سنڌي زبان ۽ ثقافت جي پيپر شامل ڪرڻ جو حڪم.
(٨) سپاهي مسافرن جي قيمتي سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار.
(٩) نوڪري لاءِ درخواستن ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو.
(١٠) حڪام طرفان مري ويلن جي تعداد ظاهر ڪرڻ کان انڪار.
(١١) ڌارين کان قبضي ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.
(١٢) مولانا .... بنا معاوضي زمين حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.
(١٣) زرعي پيداوار جي وڪري جي بندوبست ڪرڻ لاءِ ...
(١٤) تعلقي جي بنيادي مسئلن حل ڪرڻ تي غور.

ٻولي قومن جي طبيعت جو آئينو ٿئي ٿي. مثال طور، اردو هڪ واترادي ۽ گونج- گاڙهائو ٻولي آهي ۽ سنڌي هڪ مالڻي ۽ ٿورو- گاڙهائو ٻولي آهي، هڪ

ڏين نه ڪهي ته پنهنجن تي، اردوءَ جي نقالي ڪندي، عربي ۽ فارسي لفظن ۽ انهن جي اچارن جون مهرون هڻي، بنهه گونگا ٻڌجي ويهي رهون. يا شهري يا علمي ٻنجڻ جي شوق ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي ايترو بگاري ڇڏيون، جو ٻولي ته ٻولي پر خود پنهنجي عام ڪان ئي ڪٽجي الڳ ٿي وڃون!

اڄ جي نئين دور ۾ ٻوليءَ ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو ان ٻوليءَ جي پڙهائي آهي، جيڪا اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. تمام گهڻي افسوس جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي پرائمري اسڪولن کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي پڙهائيءَ تي پورو ۽ مناسب ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي. ان جا سبب ڪئي ڪيترا به هجن ۽ ڪهڙا به هجن، انهيءَ حالت کي هڪدم بدلجڻ گهرجي ۽ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ايتري ئي اوليت ۽ اهميت ڏيڻ ۽ ڏيارڻ گهرجي، جيتري ڪنهن آزاد ۽ سڌريل ملڪ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ملي ٿي ۽ ان ۾ ڪوبه ٻيو نصابي ڪم- جيئن حساب، انگريزي، سائنس، وغيره- سنڌيءَ تي اڳرو ٿيڻ نه گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي هيئن اسان جي تعليم ۾ پهرين جڳهه ملي، ان لاءِ وڏي ۾ وڏو

ٿيندا رهيا، گم ٿي وڃن، ايتري ڏاڍين، جو ڪو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ شاهه جو رسالو پڙهي نه پڙهي نه سگهي ۽ پڙهي ته سمجهي نه سگهي. ايتريءَ قيمت تي ڪنهن ٻوليءَ جي "ترقي ۽ سڌاري" کي ڪهڙي حساب ۾ ترقي ۽ سڌارو چئي سگهبو! ان خيال کان، اڄ اسان تي واجب به آهي ۽ بنهه جائز پڻ، ته پنهنجي "اسڪولي" ۽ "علمي" ٻوليءَ جي ڪجهه ڇنگ ڪريون؛ ته جيئن ان ۾ اوتري قدر، بلڪ ڪجهه وڌيڪ، تازو ڦوٽهرو ٿئي. ٻوليءَ جي هيءَ ضروري ڇانگ هرڪو اسان جو لائق اديب ۽ شاعر پنهنجي سچائيءَ ۽ فني پختائيءَ سان پنهنجي منهن به ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي پياريءَ ٻوليءَ لاءِ آب حيات مثل هيءَ بنهه ضروري عمل، ڪنهن رٿائتي ۽ سلسليوار طريقي سان، اسان جا سڄاڻ ۽ مقبول عام علمي ۽ ادبي ادارا پڻ هٿ ۾ کڻي سگهن ٿا.

عبدالمجيد ميمڻ
سکر - سنڌ
١٨-١-١٩٧٣ع

ڀاءُ عبدالغفور سدا سلامت هجين

بعد سلامن جي لکجي ٿو ته اڄڪلهه ۽ پوئينءَ ۾ اسان جيڪو پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻي، پنهنجي ٻوليءَ کي جيڪو پاڻ نقصان پهچائي رهيا آهيون ان لاءِ اسان جو ڌيان ڇڪائيندي، اوهان جيڪو چئلينج وارو ليک لکيو هو؛ اهو سچائيءَ جو سڏ، نهايت وقتائتو آهي. اوهان قرب ڪري منهنجي مادري زبان جي خادمن ۾ منهنجو نالو به ڄاڻايو هو. مون کي گهڻو اڳ سڏيو ته سڏ ڏيئي پنهنجا ويچار ۽ ويچاءَ اوهان جي معرفت سنڌي زبان جي سڄڻن آڏو رکڻا هئا. پر ڏکارو آهيان، جو ذاتي مصروفيتن جي ڪري سستي ڪئي، ان لاءِ معافي وٺندي، ڪي ڳالهيون نکيڙي نروار ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريان.

حقيقت اها آهي، ته اسان جا سڄاڻ ليکڪ جهڙوڪ رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو ۽ عبدالڪريم سنديلو ڪيترين ئي سهڻين صلاحن اوهان کي ڏيئي چڪا آهن. انهن کي وري ورجائڻ مناسب نٿو لڳي ان هوندي به ڪجهه

فارسي زبان جو آواز گونجيو پر اهو چوٻول ۽ عمل هنگامون سنڌي زبان جي ست سهي نه سگهيو، ۽ ٿوري ئي وقت کان پوءِ ختم ٿي ويو.

البت ايترو ٿيو، ته انهن ٻولين سنڌي زبان تي هلڪو اثر ڇڏيو. دراوڙن جي اچڻ ڪري ڪجهه دراوڙي لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا. نموني طور ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا. ”اوي- آرس- چنبو- ڪنيار- نير- لوڻ- ٿوهه- پٽ وغيره.“

آرين جي اچڻ کان پوءِ آريائي زبان جا ڪجهه لفظ سنڌي زبان ۾ شامل ٿي ويا. جهڙوڪ: ٻرلي- ٻران- ٻرابت- سرجڻ- سوکم وغيره. اهڙي طرح يوناني، ايراني ۽ ترڪي ٻولين جا ڪجهه لفظ به سنڌي زبان قبول ڪيا. پر ايترو ٿيو، جو انهن ڌارين لفظن کي عام اجازت نه ملي جيڪڏهن ٻين ٻولين جي لفظن کي عام جام اچڻ ڏنو وڃي ها، ته سنڌي زبان جي سٽا ۽ صورت ئي بدلجي وڃي ها. اسان جي وڏن سنڌي زبان کي ساهه سان سانڍيو ۽ سنڌي جي اصلوڪي سونهن ۽ سوڀيا کي هر حال ۾ سلامت رکيو. جيڪڏهن ڪي دراوڙي، آريائي ۽ عربي لفظ ورتائون ته انهن کي سنڌي زبان جو ويس وڳو پارائي سنڌي ڪري ڪنيائون. ايتري قدر جو اهي لفظ هينئر سڃاڻ ۾ ئي نه ٿا اچن، ته اهي ڪي ٻين ٻولين جا لفظ هئا. دراوڙي ۽ آريائي لفظن سان ته اهو عام قاعدو لاڳو آهي عربي زبان جا به

ڪي لفظ پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي صفا سنڌي ٿي ويا آهن مثلاً سنڌي لفظ ”قنبر“ اصل عربي لفظ ”ڦُور“ جي بگڙيل بناوت آهي، پر هينئر ”قنبر“ ٺيٺ سنڌي پيو لڳي.

ٿورا عربي لفظ اصلوڪي صورت ۾ ٻـه ڪنيا وڃ جيتوڻيڪ عربي زبان جي وڏن ماهرن جهڙوڪ: مخدو ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياء الدين مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي وغيره سنڌي زبان ۾ مذهبي ڪتاب لکيا، تڏهن به سندن ڪتابن ۾ عربي زبان ج گهڻا ڳتيا لفظ ڪم آيل ملندا، سي ٻـه اهي، جيڪ ان وقت تائين عام رواج ۾ اچي چڪا هئا، باقي ز ڪري عربي ۽ فارسي لفظ ڪم ڪونه آندا اٿن.

سنڌي شاعرن جيتوڻيڪ عروضي وزن قبول ڪيو تڏهن به پنهنجي شعر ۾ عربي ۽ فارسي لفظن کي تما گهٽ جاءِ ڏنائون، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ۽ آخوند گ جو شعر علم عروض موجب آهي، پر ان ۾ گهڻي ق ٺيٺ سنڌي ڪتب آيل آهي. انگريزن واري زماني ج وچين ۽ پوئين دور جي شاعرن جي شعر ۾ عربي فارسي لفظن جو استعمال ڪجهه قدر وڌيڪ نظر اچ ٿو، پر ان هوندي به ايڏو گهڻو نه آهي، جو سنڌ زبان جي خطري جو سبب بڻجي.

ان مان ثابت ٿيو، ته انگريزن جي دور تائين اسا پنهنجي ٻـر موجب هلياسين، البت ورهاڱي کان پو

ضرورت نظر آئي.

اهو صحيح آهي ته جيڪڏهن اسان پنهنجي هلت چلت ۾ ڦيرو نه آندو، ته سنڌي زبان سچائي کان پري ٿي ويندي، ٻولي ۾ جيڪڏهن حرف ۽ فعل به ٻين ٻولين جا آندا ويندا، ته پوءِ ان ٻوليءَ جو الله واهي آهي. اسان اهڙا ناسمجهه ٿي پيا آهيون، جو حرف ۽ فعل به ٻين ٻولين جا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا اٿئون. اسان مان ڪيترا اردو فعل "اپنانا" مان "اپنايون" ڪري پيا ڪم آڻين. ليڪن، مگر، حتيٰ ڪ، لهاذا، ۽ اهڙن ٻين حرفن جو استعمال به عام ٿي ويو آهي. زير اضافت ۽ عربي "و" جو استعمال به گهڻو وڌي ويو آهي. ڪن شاعرن جي شعر ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي ايتري قدر ته ڀرمار آهي، جو ڪٿي ڪٿي فقط سنڌي فعل پيو نظر ايندو.

اهو رواج اسان جي ٻوليءَ لاءِ نهايت هاجيڪار آهي. اسان جي اديبن ۽ شاعرن کي جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ سان محبت آهي، ته انهيءَ غلط رواج کي هڪدم ختم ڪن. زور ڪري عربي ۽ فارسي لفظ ڪم نه آڻين. اردو لفظ ته آڻڻ ئي نه گهرجن. اسان وٽ جيڪڏهن "عنجون هارڻ" جهڙو سهڻو اصطلاح موجود آهي، ته "آنسو وهائڻ" ڪم آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي!؟

جيڪي عربي ۽ فارسي لفظ ادبي ۽ تنقيدي زبان ۾ ڪم اچن پيا، انهن جي بدران به ڪوشش ڪري نيٺ

لفظن کان ته گهٽي قدر ڀاسو ڪيو آهي؛ پر پيش لفظ، وضاحت، شرح وغيره بدران به ٺيٺ سنڌي لفظ ڪم آندا اٿس.

هن سلسلي ۾ شاعرن کان وڌيڪ اخبار نويس وڏا ويل وهائي رهيا آهن. شاعر ۽ اديب وري به سنڌين رستي تي اچي رهيا آهن؛ پر اخبارن وارا ويران وير وڌ آهن. هو اردو تحرير جو بي ڍنگو نقل ڪري ٻوليءَ کي بگيڙي رهيا آهن. اخبار نويسن کي منهنجو نماڻو عرض آهي، ته هيڊنگ ڏيندي يا خبر لکندي اڙدو زبان جي اسلوب بيان جي وهڪري ۾ وهي نه وڃن؛ پر سنڌي زبان جي ستا ۽ ساخت کي نظر ۾ رکن.

آخر ۾ اوهان کي اهو عرض ڪندس، ته اوهان جي ڪوشش ۽ ڪوٽ ڪارائتي آهي؛ پر ايتري ڏاڍائي به نه ڪريو، جو سمورن عربي ۽ فارسي لفظن کي هڪالي ڪيي ڇڏيو. ٻين ٻولين جا اهي لفظ جيڪي عام مروج ٿي ويا آهن، ۽ عـام خاص جي زبان تي آهن، يا اهي لفظ جيڪي معياري ادبي زبان جو ورثو ٿي ويا آهن. انهن کي هرويرو ڪيڻ نه، ٿو سونهين. ڪن لفظن جي امان کي ضرورت به آهي. مثال طور جيڪڏهن اوهان محترم جي بدران ”سائل“ يا ”ديولي“ لفظ آڻيندا، ته کل جهڙي ڳالهه ٿي پوندي.

اهڙي ڪوشش امان جي ٻوليءَ جي مزاج ۽ فطرت جي خلاف آهي. انهيءَ ڪري ڪامياب ڪونه ويندي.

سنڌي ربّ ...

ته دراوڙي، آريائي ۽ سميري ر.

ميسارجي وڃي ها، يا وري سنسڪرت، ڪيرو ۽ قديم ايراني وانگر مرده ٿي وڃي ها. سنڌي زبان زنده ٿي انهيءَ ڪري رهي آهي، جو هن نين نين ڌارائن کي پنهنجن اصولن موجب قبول ڪيو آهي. ان سان گڏ پنهنجي بنيادي سٽا کي به سلامت رکيو آهي.

هينئر به اسان کي اهو اصول نظر ۾ رکڻو آهي؛ ۽ هيءَ جيڪا ٻين ٻولين جي لفظن جي ڀنڊ پچي پيئي آهي، ان کي ڀنجو ڏيڻو آهي. ساڳي وقت جيڪي لفظ سري پري جاءِ والي ويا آهن، انهن کي به ترڙي ڪيڻو ناهي. اميد ته هيءَ صلاح سڀانتي نظر ايندي.

ن

ں ڪان پوءِ

ڪليا اٺين طرح اڻ مڃي

ي ۾ اشارا ملندا رهيا. ڪڏهن ته پڙهندي

يون هندون پيو سمجهان. نيٺ خيال آيو ته حال

حبيبان پيش پريان، ڪجهه نه ڪجهه ته موڪلجي.

هي ساهت جو سلسلو، جيڪو اوهان شروع ڪري ڏنو آهي، سو جس جوڳو آهي، چاڪاڻ ته ماهرن جا رايا، ڪري ۽ ڪوڙي جي پرک ۽ پروڙ لاءِ ڪسوٽيءَ جو ڪم ڏيندا. هن ڏس ۾، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ادبي ميدان تي ڀرپور پيش قدمي ڪري آهي.

جناب ڊاڪٽر صاحب، جيڪا ساهت جي سچيءَ دل سان خدمت ڪري ٿو، تنهن لاءِ ساري سنڌ سندس گڻ ڳائي ٿي. هن پنهنجي رت ۽ ست سان، سنڌ جي ساري زمين کي ريج ڏنو آهي. جنهن ڪري اپائتيءَ زمين، جيڪي رنگين ادبي گل ٻوٽا ۽ ڦل ٻوٽا پيدا ڪيا آهن، تن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ساري سنڌ واسي ڇڏي آهي. لوڪ ادب جيڪو ورهين کان وائڙن ۽ وسين ۾ نڌڻڪن جيان ڀٽڪي رهيو هو، تنهن کي همٿ ڪرڻ لاءِ ٻٽر ۽ ٻوٽا، رڻ ۽ رائو، دڙا ۽ دنگ، جهر

۽ ايندڙ ڏينهن لاءِ ڪم ايندو آهي، پر اسان وٽ يعني سنڌيءَ ۾ رڳو گذريل ڏينهن لاءِ ئي ڪم ايندو آهي. پر جيڪڏهن سنڌي محاوري ۾ اڄ ڪلهه جو استعمال ڪيون ته موجوده وقت جي معنيٰ ڏيکاريندو، جيئن: اڄ ڪلهه علم ڪونهي، مطلب آهي ته اڄوڪي وقت ۾ علم جي اُٿان آهي. هيٺين ڀاڪي مان به اڄ ڪلهه جي ادائي معنيٰ نڪري ٿي.

اڄ ڪلهه جا جوان، ڪاتي جا ميان،
ڏڪو ڏين ٻن ڪي، ته ڪري ڀون پان.
ٽوڪ ڪي مذاق، تنهن مان مذاق آڏاٽن چون.

جيڪو ڏاڍو سو ڳاٻـو ڪي چون: جس ڪي لاٿي آس ڪي ٻوينس. هڪ ميٽنگ ۾ ويٺا هياسين ته هڪ ميمبر صاحب چيو ته، ”ٻهرپائين ڪم جو ڍانچو تيار ڪيون.“ ڍانچي لاءِ سنڌي ۾ خاڪو لفظ موجود آهي تـ پوءِ ڇو (سمجهه × دار) ٽڙ ريڊيو سمي ٻاڪري، واري لفظ کي پنهنجو ڪيون؟

اخبارن ۽ ريڊئي وارن ته سمجهوتو لفظ کي ڪڙي قابو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سمجهوتو لاءِ پرچاءُ، ڏاءِ لفظ موجود آهن. تنهن کان سواءِ ٿورو پريرا لفظ: صلح، راضي نامون به موجود آهن. رمضان مهني ۾: روزي رکڻ کي اوقات سحري ۽ روزي ڇوڙڻ کي اوقات افطاري چيائون. دوا جي ڊوز کي ڪي ڊوز چون ته ڪي خوراڪ ٿوڙي جو اسان وٽ انهن جا بدل آهن ۽ پيدا

لفظ موجود آهن. ٻوا جا ٿي اچر معنيٰ تي وزن. ڪاٿي ڪان پرهيز ڪرڻ ڪي؛ ڪي پرهيز چون ٿا ان لاءِ ٻه رک ۽ ڪيري لفظ موجود آهن. سنڌي ڪي هم زلف ۽ پيٽوڻي ڪي ڀائيجان چون. رشوت لاءِ رسائي ۽ وڏي لفظ ڪم آڻجن. هڪ چوڻي:

هٿ' وڏي، ڪڏهن ٻڌي، تہ ڪم ٿيندي.

يعني آفيسر کي رشوت ڏيندي، اعلائي وجهندس تہ ڪم ٿيندو. يعني: گهڻي رشوت ڏيندس. اٿئي ڪرپشن ڪاٿي ڪي رسائي توڙ ڪاٿو چئجي.

بهرحال جيڪڏهن سارو سنڌ سوڌيو تہ الاجي ڇا ڇا نڪري نروار ٿيندو. اسان جو اهو مطلب نہ آهي تہ وهي نہ وهي، وٺ رينگڻ ڪي! پر جيڪڏهن عربي، فارسي، انگريزي وغيره لفظ زبان تي چڙهي ويا آهن تہ ڇو نہ ڪم آڻجن. جيئن دڪان، دوا، گلاس، گئس، گاسليٽ وغيره. پر اهو مناسب نہ ٿيندو جو جائي وائي، مزور کي مزدور، ڪڙميءَ کي ڪسان، ٻورچيءَ کي باورچي، ڪاٺين کي لڪڙي، خرار کي خروار، ڪسڪس کي خشخاش وغيره چئون. جيڪڏهن اچا بہ ان آئل کي ٻنڌو نہ ڏنو ويو تہ، اهو سيڪ، سنڌي ادب جي مضبوط ڪوٽ کي (خدانخواستہ شل شيطان جا ڪن ٻوڙا هجن) پنهنجي اثر ۾ آڻي ڇڏيندو، جنهنڪري ڪيون پٿيون بہ ڪلر ڇاڻيندڙن رهنديون. پوءِ جيڪا متاڪڻ ڪبي سا ويڙهڻ وينديءَ. جيئري ڪجهہ نہ

ڪيائون، مٿي ٻڌ ٻڌ پٽيائـون، ان ڪري سنڌ جي اديبن ڪي عرض آهي تہ هينئر ڪان ئي ان ليٽ ڪي لٿي مٿي ڪرڻ لاءِ سندرو ساهي ڇڏن تہ جيئن ڪتان بہ روڻ نہ پوي.

عمر، اسان ابوجهلا، ڏلولا نہ ڏاليون،
چورا، چانڊل چتڙا، ڪنين ول واليون،
طعاما آڇ مرتن ڪي جي ڏٽن جون ڏاليون،
آليونءَ لاليون اسان چوڪا چت ۾.

---

## تنوير عباسي

سرمد هائوس، خيرپور — جيئي سنڌ

٨ فيبروري ١٩٧٣ع — پيارا ڀاءُ عبدالغفور،

توهان جو خط مليو، يادگيريءَ لاءِ مهرباني، مان حيدرآباد ايندو آهيان ته هر دفعي ملير ڪتاب گهر تان ڪتاب خريد ڪندو آهيان ۽ توهان جو پڇندو آهيان، هر دفعي توهان نه ملندا آهيو، اميد ته ملڻ ٿيندو.

اوهان ملير ۾ لکڻ لاءِ چيو آهي. مان خاص ڪري ”سنڌي ٻوليءَ کي للڪار“ وارو مضمون سنڌيءَ جي هڪ نمائي شاگرد وانگر پڙهندو آهيان. اهو تمام سٺو موضوع شروع ڪيو اٿوَ. اسان جي ٻوليءَ کي هن دور ۾ جيترو بگاڙيو ويو آهي اوترو سڌاريو به ويو آهي. اسان جي نئين دور جي شاعريءَ توڙي افسانن اسان کي صاف- سٺي ۽ مٺي ٻولي- نوان لفظ- نيون تشبيهون ڏنيون آهن ته ريڊيو ۽ اخبارن اسان جي مٺي سدا ملوڪ ٻوليءَ جو منهن بگاڙيو آهي.

هرويرو ائين به نه هجي جو ٻولي اها لکجي جيڪا پراڻي هجي ڇو ته نئين سائنسي ۽ صنعتي دور جي سوچ به اڳئين دور کان جدا آهي ان ڪري ان سوچ جو اظهار به ٻئي قسم جي ٻوليءَ ۾ ٿي سگهندو.

شيڪسپيئر ۽ پائونڊ جي انگريزي ساڳي ناهي. نه وري امرالقيس ۽ طه حسين جي عربي ساڳي آهي. پر اصل مقصد آهي ٻوليءَ جي موزون مهانتي ۽ وياڪرڻ ٻــ سلامت رهي، ته ان ۾ نوان نوان لفظ به شامل ٿيندا اچن، جيڪي نون سائنسي توڙي صنعتي خيالن جي ترجماني ڪري سگهن.

اسان جي ٻوليءَ ۾ وڏو ڀنڊار آهي. آخر انگريزن به سائنسي لفظ آسمان مان ڪونه آندا آهن. هڪ لفظ آهي Voice Vocal-Cord معنيٰ آواز وارو. Cord يعني ”آوازي ڏوريون“ جيڪي نڙگهٽ ۾ آواز پيدا ڪن ٿيون.

ساڳي طرح Lucas معنيٰ اڇو. Leucoma معنيٰ اک تي ”اڇو ڦلو“ Leudoderma ۾ ساڳيو Leuco اڇو Derna معنيٰ کل. يعني اڇي کل. Moion معنيٰ چرپر. موٽر Motor معنيٰ چورينڌڙ. Motor Boat چرنــدڙ ٻيڙي. Motercycle معنيٰ چرندڙ سائيڪل؛ Motor Car معنيٰ چرندڙ گاڏي ۽ ائين Motor مان الائي ڪيترا لفظ ڏنيا.

اسان وٽ به ائين لفظ موجود آهن. ڪي ته اعزا حيرت ۾ وجهندڙ آهن جو لفظ ۾ ان جي معنيٰ ظاهر آهي. جيئن ٽڪنڊو. چوڪنڊو. پنج ڪنڊو. گولي ڪنڊ. ويڪري ڪنڊ. هاڻي سوچيو ته مثلث. مربع سولو يــا مي ۾ لفظ سولا.

اکين جي بيماري آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Nebule (اک جي تاري تي ڌنڌ) سنڌيءَ ۾ ڄارو- انگريزيءَ ۾ Leucome (اک جي تاري تي اڇو ٽڪو) سنڌيءَ ۾ رتي- انگريزيءَ ۾ Siaphyloma سنڌيءَ ۾ ڦلو- ساڳيءَ ريت Ptoringuim کي ڇوڻ انب.

هڪ ذهني مرض آهي جنهن ۾ مريض ننڊ ۾ گهمندو آهي. ان کي سنڌيءَ ۾ چوڻ "اوٺارو" اسان جا ڪاماڻي ڪيترا علم بدن جا لفظ ٻڌائيندا.

ته اصول اهو ٺاهجي ته جيڪي لفظ اڳ ۾ استعمال ۾ آهن، ۽ سمجهڻ ۾ سولا آهن اهي قائم رکجن. جيڪي لفظ موجود ناهن اهي ٺاهجن جيئن Motor مان انگريز ٺاهيا، ۽ جي سولائيءَ سان نهن ۽ عام ماڻهوءَ جي سمجهه جهڙا هجن ته ٺيڪ، نه ته اهي انگريزي ئي رهڻ ڏجن، جيئن ريل- گلاس- ٽيشن- ٽڪيٽ انهن لفظن کي ترجمو ڪبو ته اجايو مونجهارو ٿيندو.

جي ٻولي کي بچائڻو آهي ته اخبارن ۽ ريڊيو کي ڪا ميڙ وجهجڻي.

ڪي لکن پرڌاني وزير ڪي لکن وزير خارجه ماڻهو منجهي پوي ته ڪاله، پرڌاني وزير کي ڪ نئون ڪاٿو به ڏنو اٿائون.

اهڙن لفظن جي هڪ وچور ٺاهجي ۽ سڀني اخبارن ۽ ريڊيو وارن کي موڪلجي جيئن هڪ لفظ ڪتب آڻين ساڳيءَ طرح ڪيترا اخباري لفظ Jnited nation

جهڙا ترجمو ڪري هڪ اهڙي معياري لسٽ ٺاهي سڀني اخبارن جي نيوز ايڊيٽرن آڏو رکي ڇڏجي جيئن اهي خبرن لکڻ مهل ان تي نظر وجهي يڪدم مطلب جو لفظ ڳولي سگهن.

مطلب ته وچترو طريقو اختيار ڪجي- نه ڪي ماضيءَ جي رسمي سان پاڻ کي ٻڌي ڇڏجي جو اڳتي چرڻ به ڏکيو ٿي پوي، ۽ نه وري ان سان سڀ ناتا ٽوڙي ڇڏجن.

صاحب خان چنو

# شاهه ۽ سنڌي ٻولي

فرد ۽ سوسائٽي جي مجموعي فڪر ۽ شعور جو تعين ماحول، مادي حالتون، دنياوي ۽ سماجي حقيقتون ڪن ٿيون. هر فڪر ۽ فلسفو پنهنجي ماحول سان گهري نسبت ۽ لاڳاپو رکي ٿو. هر شيءِ اضافي آهي. شاهه جو شعر ۽ فڪر پڻ پنهنجي وقت جي ماحول ۽ دنياوي حالتن جي نمائندگي ڪري ٿو. هي جو سندس شعر اسان کي ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ حال جي باري ۾ لکيو اٿس. ان جو سبب اهو آهي ته سنڌ وري ساڳين صورتن ۾ آهي. سنڌ جي حالتن وري ساڳيو ڦيرو کاڌو آهي ولت وري سبق ڏنو آهي. "ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟" اسان کي وري احساس ٿيو آهي "جيها ڪي تيها، مارو مون مٽيا" واقعن وري ثابت ڪيو آهي "ڏُريان ڏي ڏاريان، مٽ مٽيءَ جا نه ٿيا" اسان وري محسوس ڪيو آهي. "حيف تنين تي هوءِ، وطن جن وساريو" سنڌ ۾ رهي وري ساڳي سنڌ دشمني ڪئي پئي وڃي. سنڌي ڪي مٽائڻ جا وري ساڳيا سانباها آهن. سنڌ مٽان ڏاري ٻولي مڙهڻ جون وري ساڳيون

جي فارسي سکيو، گولو ٿـيو غلام،
اڃيو تان آب گھري، بکيو تان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجھان نہ ٿئي!

پنهنجي ابائي ٻولي وساري ڌارين جو طور طريقو اختيار ڪرڻ سان ڪو شخص حاڪمن وٽ ڪيتري بہ پهچ رکي پر تڏهن بہ ڪين غلامانہ ذهنيت مان ڪري خسيس ۽ رواجي شمار ڪيو. حقيقي سونگار ڪرڻ سان گڏهہ مان گلفام ڪونہ ٿيندو. هن مرونءَ سندي ماس تي ماڻڪ مٿايا آهن. سون تي سهڻ مٿانئون واري وهنوار قطعن غير سنڌي آهي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ عزت ۽ تقليد لائق نہ آهي.

شاهہ فارسي جي ڪوڙي وقار جا ڏاڍيرڙا فقط انهي بيت وسيلي نہ ڪيا آهن پر فارسي ۽ فارسي ڳالهائيندڙن لاءِ هن جي حقارت ڪيترن ٻين بيتن ۾ نهايت چٽي ۽ ظاهر آهي. هڪ هنڌ هو چوي ٿو:

پيو پلائن سين، ٻولي جي نـہ پڇهن،
سون سنڌي جو سيو ڪريان، هو پارسيون پڙهن،
سون پڻ ملائن، حسرتيون حضور پرانـو!

سنڌي بدران فارسي ۾ گفتگو ڪندڙ ڪوڙن عالمن جي ڪچهري مان شاهہ صاحب کي اهو ٻي ذهني ڪرب ۽ ٻڙا پريشان ٿي آهي، جيڪا هن دور ۾ هڪ سچو قوم پرست بہ سنڌي عالمن کي سنڌي بدران اردو ۾ گفتگو ڪندي محسوس ڪري. انهن ماڻهن کان لطيف

پناھ ڳوري آھي، ھو چوي ٿو:

برو بگيرده جي، ڏين پارسيون پاڻ ۾،
سون اروڙن ڏي لڪيا، تہ ماڃا ڪندا ھي،
ماريندا مون کي، پنھون نيندا پاڻ سين!

سنڌ اندر رھي ڌاري ٻولي ڳالھائيندڙن کي لطيف ملڪ ۽ قوم جي وقار ۽ آزادي لاءِ ھاڃيڪار سمجھي ٿو، اھڙن ھجارن مان چڱائي جي اميد رکڻ ٻہرن کان ٻہر گھرڻ برابر آھي، ڌارين کي گھر ٻھارڻ مان نيٺ نقصان رسندو، وچون پنھنجي عادت پٽاندر اوس ڏنگ ھڻندو، اوجھ تہ ڇڏيندي اوجھري توڙي ڌوپندي مڃھ درياھ.

لطيف نہ صرف اھڙن شخصن لاءِ ڀرپور حقارت رکي ٿو پر انھن جي ٻولي، تھذيب ۽ ھر شيءِ کان بيزاري ڏيکاري ٿو، ھو پنھنجي ٻولي، تھذيب ۽ وطن جي ھر چيز سان پيار ڪري ٿو، ھن فارسي ٻولي سان فارسي شاعري جي بحر وزن اپنائڻ کان بہ پاسو ڪيو ۽ سنڌي ٻولي جي وسعت، رواني ۽ حسن کان آشنا ٿيڻ لاءِ عالمن توڙي ڌراڙن سان روح رھاڻيون ڪيون، انھيءَ ڪري ئي ھن جا بحر، وزن، تشبيھون، استعارا، بندشون، انداز فڪر سڀ نيٺ سنڌي آھن.

رسالي جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تمام سادي، سلوڻي ۽ سولي ٻولي ۾ اعليٰ ۽ نفيس ترين فڪر جو سمنڊ ڇوليون ھڻي رھيو آھي، جڻ تہ ھو فڪر ۽ فلسفي جو ديو سنڌي ٻوليءَ جي ٻوتل ۾ بند ڪرڻ ۾ ڪامياب

ٿي وڃو آهي. اهوئي سبب آهي جڏهن فلسفيانه نڪتا ٻڪرارن جي ٻوليءَ ۾ پيش ٿيا تڏهن دنيا دنگ رهجي وئي ۽ سڄي سنڌ جهومي اٿي. غالب ۽ اقبال اردو جا نمائنده شاعر ڄاتا وڃن ٿا، ان جو گهڻي ڀاڱي شعر فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. هنن صاف اعتراف ڪيو آهي ته اردو ٻولي ۾ اعليٰ فڪر پيش ڪرڻ جي صلاحيت نه آهي، ان ڪري هو اعليٰ ۽ اوچا فڪر فارسي ذريعي ظاهر ڪرڻ تي مجبور آهن. پر صديون اڳ سنڌ جي قومي شاعر سنڌي بابت اهڙي ڪابه شڪايت نٿو رکي ۽ غالب ۽ اقبال کان به اعليٰ ۽ نفيس فڪر سنڌي ٻولي ۾ پيش ڪري ورتو. فردوسي ايراني مزاج ۽ فڪر کي ”شاهنامه“ ۾ بند ڪري وڏي فخر سان دعويٰ ڪئي هئي ”فارسي ۾ عجم کي زنده ڪري ڇڏيو اٿم“ شاهه بغير اهڙي دعويٰ ڪرڻ جي ان کان به عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو ۽ سنڌي فڪر ۽ شعور کي ”رسالي“ جو روپ ڏئي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏيو.

## تاج جويو (سن)

ڏاڏاڻي ڏيهه جي سُريلي ۽ ساڃهي، ماکيءَ کان وڌ مٺڙي سنڌوءَ جي لڙاٽيل پاڻيءَ ۾ ڌوپي اڇڙي ٿيل سنڌي ٻوليءَ جي سهاڻتا ۽ سنيار سير جي ڏان، ڏيئي ڪبي. ٻولي ماڻهه جو ساهه هوندي آهي. ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو ڳانڍاپو فطري ڳانڍاپو آهي. دنيا جا ڏيهه (ملڪ) ٻولين جي نالن سان ۽ ٻوليون ڏيهن جي نالن سان سڏبيون آهن. جنهن ٻوليءَ کي ديش نه آهي اها ماڻهن جي جيءَ ۾ جايون جوڙي نه سگهندي. جا جيتري جهوني هوندي اها اوتري سگهاري ۽ جيتري جوکي هوندي. جيئن ڌرتي پراڻي نه ٿيندي آهي تيئن ٻولي به پراڻي نه ٿيندي آهي پر سدا سهاڳڻ ۽ جوان جماڻ رهندي آهي.

جيڏي ٻولي جهوني اوڏو منجهس "ٻولن" جو جهجهو "جهڳٽ" آهي "ٻول" صدين کان صديون ٻوليءَ جي "ڪارب" (سانچي) ۾ گهڙجي چلجي سهڻا ۽ سريلا بنجي پوندا آهن. جن جو آچار ۽ ورجاءُ زبان ۾ اڏڪاءُ نه ڪندو آهي. صدين جي گهاٽ اکرن جون انگهون ۽ گهوٻ گهڙي لسو ۽ وڻندڙ بنائي ڇڏيندي آهي.

سنڌ جي ماڻهه جي ٻولي ٻنهه جهوني ٻولي آهي.

اهـا ”ٻولن“ جي اڪٽ ڪان آهي. ڳالهين ڪان ٻاهر منجهس لفظ ليندا. ان جو جهڙو جاڳندو مثال سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇاپايل الف - ب - پ ”ٻولن“ جي اڌوري ”ڪروينجهه“ (لغت) آهي.

اسان جي ديش ۾ ڪئين قومون ڪيتريون ٻوليون ڪٺي ويٺيون آهن. پر اهي قومون ۽ ٻوليون سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ سگهه جو ڪجهه ۽ جزاءِ آڌو هاڻ هٿي نه سگهيون ۽ منجهن سمائجي ”هڪ وجود“ ٿي ويون.

اسان جي ڏيهه ۽ ٻوليءَ لاءِ ڏکيا ڏينهن به آيا لطيف گهوٽ جي ڏينهن ۾ سنڌ جا ڪيترا شاعر فارسي جي ”ڪوڙڪي“ ۾ ڦاسي پيا.

سنڌ پوکڻ جا ٻاسيون ۽ ٻيرون، نمن جو ٻور ۽ آڪ ڦلاڙيون، ڪانڊيري جا رتا گل ۽ ڦوڳن جي ڦلار، پانت پانت جا گاهه ۽ گل، ٻوٽا ۽ وڻ انهن ڪان ڏٺا ٿي نه ٿي ٿيا. ڌارين ديس جا سرو ۽ سوسن سنبل ۽ ريحان کين وڌيڪ وڻيا ۽ پيارا لڳا ٿي. ڳيرن جي ”ڳٽر ڳون“ چتن جي ”چونگار“ ۽ ڪوئل جي ”ڪوڪو“ بدران بلبل و قمري ۽ نسر چاڻ ڪهڙن ڪهڙن پکين جا سر پاڻ ٿي پڙهن!

چتن ڪي اها به ڄاڻ نه هئي ته سنڌ ۾ بلبل کي ”بربل“ ۽ ”پوري“ به چوندا آهن. اها باغن ۽ گلزارن ۾ نه پر ”جهارين“ ۽ ”ڪنڊن“ ۾ ويٺيرا اڏيندي آهي.

ڪرڻ ۽ ٻڙين جي لاسن تي لاٿيون لڳنديون آهي، ٻيڙون ۽ ٻيسون ٻڪا ۽ ٻيو ڪاٺي "ٽڪرو ٽڪرو" ڪندي آهي.

اهڙي ڏکئي سمي ۾ شاعرن جي چوٽي، سنڌ ڌڻيءَ شاهه لطيف ڌارئين ديس جي مرد ۽ سوسن کان ڏاڍائي ڏيهه جا ڪرڻ ۽ ڪيڏا پلا پاتيا، پرائي ڏيهه جي ڳالهه ۽ غنچن کان سنڌ ڌرتيءَ جي ڌوڙ کي مٿ پاتيو.

شاهه جون هي سٽون!

"سچو جي سائينءَ، ته به ونيئا وڙتو
ڳهوريو سو پرڏيهه، توڙي ٿيان چانڊوا!"

سائينءَ جي سڪ جو ڪوڙو نه سڱو ۽ ان وسرندڙ سبق ڏين ٿيون. فارسي زبان جي ٻولڻ "ڦيرا پائيندڙن" سنڌي شاعرن بيا عام ماڻهن کي شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ "ڳولي" ۽ "غلام" جهڙن لفظن سان سڏيو آهي.

چي: "جي تو سکي فارسي، ڳولو توهه غلام".

ٻوليءَ ۽ ماڻهن جي سچي سڪ ان کي ڪرڻ جي.

جيڪڏهن لاکيڻو لطيف ان اوکيءَ گهڙيءَ ۾ باغي ٿيڻ جي، سنڌي ٻوليءَ جو جهنڊو نه جهولائي ها ته اسان جي ٻولي ڪڏهوڪي پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا، هستي ۽ وجود وڃائي ويٺي ها.

جيڪڏهن شاهه سائين سنڌي ٻوليءَ کي 'فارسي ڳوڙهي چاڙهسي' واري دور ۾ نه بچائي ها ته اڄ

اسان ڪنهن بہ ڪٿي سنڌي سڏائي نہ سگهون ها!
(جيتوڻيڪ اڄ بہ پاڪستاني ”لغت“ ۾ سنڌي سڏائڻ ڏوهہ آهي.)

جيڪڏهن لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ ”بيت ۽ وايون“ نہ ڳائي ها تہ اڄ سنڌ جو نعرو نہ هجي ها........ ۽ نہ ئي ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو رهي ها.

شاهہ جا سنڌي قوم تي لکين وڏا احسان آهن. جنهن سنڌي ٻوليءَ کي امر (نہ مرندڙ) ۽ اڪٽ (نہ ڪٽجندڙ) بڻائي ڇڏيو. جيستائين ڌرتيءَ جي دل تي سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻولي جيئري آهي، شاهہ جو نالو جيئرو رهندو ۽ سنڌ پوڻ مان چمڪندڙ هر انسان هن امر انسان جي ذاتِ ۽ نشان (روضي) آڏو سر نمائيندو رهندو.

اڄ اسان جا ڪيترا ليکڪ ۽ ليکڪائون لطيف جي ٻوليءَ، پاڄهاري ٻوليءَ ۾ ڌارين ٻولين جا اڙانگا ۽ اڻ سونهندڙ اکر ٺاهيندا رهن ٿا، جا ڳالهہ ڏک جوڳي آهي.

اداڻ جس هجيئي جو پنهنجي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ ”گڏ ٿيل گند“ کي ڪيائي جيجل جهي جهوليءَ کي جهرڪائڻ لاءِ جتن پيو ڪرين.

اسان جي قوم ۾ اهڙا امر ۽ مهان ليکڪ پيا آهن جو قلم سان ڏيهہ جي ڏوتيئڙن جي تقدير ڦيري سگهي ٿو. جن جي لکڻين جو هڪ ”ٻول“ قوم جي

اُماله موڙي آهي.

جي- ايم- سيد، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير حسام الدين شاهه راشدي، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، جمال ابڙو، سراج ۽ ٻيا سوين سگهڙ ۽ شاعر، اديب ۽ مفڪر هن ڌرتيءَ جي ڪُک جا ڄاوا ان ڏس ۾ ڪٿي سگهجن ٿا.

پاڻل! تنهنجي جتن به جس لهڻي پر ٻيلي جڏهن اهڙو اڻانگو ۽ جوکم ڪم هٿ ۾ کنيو اٿئي ته پنهنجي قلم کي به قابو جهلڻو پوندو مٿان واٽ تان ٿڙڪي نه وڃي! تنهنجي لکڻين مان ورڏيهي "ٻولن" جي بوءِ نه اچي نه ته سنڌين ساکون اجايا ويندا.

سيپٽمبر جي "ملير ڳتڪي" ۾ تنهنجي لکيل "ايڊيٽوريل" ۾ تنهنجا ڪم آندل ٻه چار اوپرا ۽ اڻ سونهندڙ ٻول ۽ انهن جا مٽ سنڌي ٻول هيٺ ڏيان ٿو، جنهن مان سڌ پوندءِ ته ڪٿي ڪٿي نون ٻه... هرويرو ڌارين ٻول ڪم آڻي ويٺو آهين!

| اوپرا ٻول | سنڌي ٻول | اوپرا ٻول | سنڌي ٻول |
|---|---|---|---|
| استحصالي نظام | "پرماري دستور | ظلم وستم" | (ظلم ۽ ستم پلي |
| روز بروز | " ڏينهون ڏينهن | | ڪراڙ پر هرويرو |
| مال غنيمت | " لٽ جو مال | | "و" وجهڻ جو |
| اصلاحات | " سڌارا | | ڪهڙو ڪم "ٿ" |
| | | | ته سونهي ٿي!؟" |

سون هڪڙي ”بندي“ نامي چڙي آهي، ڪٿي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو اوپرو ٻول اک ۾ چڙهي ويندو اٿم ته ان جو مٽ سنڌي ٻول ووڙي لکي ڇڏيندو آهيان. ”ملير“ جي پارکن جي مٽ آڏو پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهه، ڪٿا نذر رکان ٿو.

| اوپرا ٻول | سنڌي ٻول | اوپرا ٻول | سنڌي ٻول |
|---|---|---|---|
| امتياز | ” وڇوٽ، سيڙهو، سنڌو | بنياد | ” پيڙهه |
| انتظار | ” اوسيئڙو | فارغ | ” واندو، وانجهو |
| انتشار | ” وکوڙ، ڏڦير | جٿو | ” ٽولو، سٿ، وڳر |
| تقاضا | ” گهير | | سڳهر، وار، ڏنب |
| ورغاست | ” وند ورچ | مهذب | ” سڌريل، سگهڙ |
| فهرست | ” وچور | بد راهه | ” اوتڙ |
| تعاون | ” ساٿ، همت وند | دوغلي | ” ٻٽي |
| ترقي | ” واڌ، واڌارو، ڦوٽهڙو | پاليسي | ” هلت |
| مسئلو | ” مامرو | مناسب | ” جوڳو |
| يڪسان | ” هڪجهڙو، هڪ ساريڪو | تڪليف | ” اهنج، ايذاءُ |

# عظمت ادبي اڪيڊمي
## جا مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١— جنم قيدي | يوسف بلوچ | ١٦—٠٠ |
| ٢— ويتنامي ڪهاڻيون | — | ١٤—٠٠ |
| ٣— پيار پيار پيڙا پيڙا | سندري اتمچنداڻي | ١٠—٠٠ |
| ٤— توجنهن جي تات | سندري اتمچنداڻي | ١١—٠٠ |
| ٥— جنگ ۽ انسان | عمر ميمڻ | ٦—٠٠ |
| ٦— بي اولاد | عمر ميمڻ | ٥—٠٠ |
| ٧— جنس پيار ۽ شادي | عمر ميمڻ | ٢٠—٠٠ |
| ٨— گيت اڇاپل مورن جا | ثميره زرين | ١٢—٠٠ |

ڇا اهي ڪتاب توهان پڙهيا آهن؟
ڇا اهي ڪتاب توهان جي بڪ اسٽال تي موجود آهن؟
جي نه، ته اڄ ئي اسان جي سول ايجنٽن سان لهه وچڙ ۾ اچو.

١- ادبيات- تلڪ چاڙهي حيدرآباد.
٢- سڳنڌ - ڪتاب گهر- جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.
٣- مشتاق - نيوز ايجنسي- گاڏي کاتو حيدرآباد.

# عظمت ادبي اڪيڊمي جا ايندڙ ڪتاب

## ۱- علم تدريس مظلومن لاءِ

مترجم- محمد ابراهيم جويو:

اندازو لڳايو ته ڇا هوندو هن ڪتاب ۾- جويي صاحب جي قلم سنڌي ادب کي هميشه ادبي شاهڪار ڏنا آهن، اسان جي دعويٰ آهي ته هي ڪتاب پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ تاريخي اضافو ثابت ٿيندو.

تمام جلد توهان جي هٿن ۾ پهچڻ وارو.....

## ۲- لڱ ڏاڍ ڇا لوهه

اشرف دهقاني:

اهو شاهڪار جنهن جو پهريون ڇاپو هڪ مهيني اندر ختم ٿي ويو..... ايران جي شاهه خلاف هليل تحريڪ جي هڪ خاتون ڪارڪن تي ڪهڙا نه ظلم ڪيا ويا ۽ هن ڪيئن ثابت قدميءَ سان انهن جو مقابلو ڪيو......

ٻيو ڇاپو تمام جلد توهان جي هٿن ۾ هوندو.

## ٣- ان دانا

ڪرشن چندر جو امر، لازوال، لاثاني شاهڪار، مهني، مٺڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ .... ڇپيو ڇاپو - نئون دلفريب ٽائيٽل، سفيد اوچو ڪاغذ ۽ قيمت اها ساڳي جيڪا پهرئين ڇاپي جي هئي- يعني صرف ٠٠-٦ مارڪيٽ ۾ موجود- اڄ ئي خريد ڪريو ۽ پنهنجي لائبريري ۾ خوبصورت اضافو ڪريو ۽ پنهنجي ادبي ذوق کي تسڪين رسايو.

## اسان جا سول ايجنٽ

١- اديبات- تلڪ چاڙهي حيدرآباد.
٢- سگهڙ - ڪتاب گهر- جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.
٣- مشتاق - نيوز ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد.

## هرهڪ جي پڙهڻ لاءِ

عظمت ادبي اڪيڊميءَ جي ڇپرايل هيٺين ڪتابن جا جملي حق ۽ واسطا اڪيڊميءَ وٽ محفوظ آهن. ٻيو ڪوبہ ادارو انهن ڪتابن کي ٻيهر ڇپرائڻ جي ڪوشش نہ ڪري.

١- اگهاڙي.
٢- قرب جا ناتا.
٣- پيار ۽ پاپ.
٤- پوڙهو ۽ سمنڊ.
٥- جنم قيدي.
٦- جنگ ۽ انسان.
٧- سنڌي ٻوليءَ کي للڪار.
٨- ڳالهيون ڳنوارن جون.
٩- جنس پيار شادي.
١٠- پريت پرائي، ريت نرالي.
١١- ان داتا.
١٢- پيار پيار، پيڙا پيڙا.
١٣- تو جنين جي تات.
١٤- لڳ منهنجا لوهہ.
١٥- بي اولاد.
١٦- علم تدريس مظلومن لاءِ.
١٧- ڪرنڊڙ ديوارون.
١٨- اڇا وار ڳاڙها ڳل.

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)